SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريه 2015

# SINDHACT NO.XLII OF 2015

# ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ (ترميم) ايڪٽ، 2015

# THE KARACHI WATER AND SEVERAGE BOARD (AMENDMENT) ACT, 2015

## فهرست(CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1996.2 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X ۾ نئين دفعه 14_A جي شموليت
Insertion of new section 14_A in Sindh Act No.X of 1996

3. منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريه 2015

# SINDH ACT NO.XLII OF 2015

# ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ (ترميم) ايڪٽ، 2015

# THE KARACHI WATER AND SEVERAGE BOARD (AMENDMENT) ACT, 2015

[26 آڪٽوبر 2015]

ايڪٽ جنهن ذريعي ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ ايڪٽ، 1996 ۾ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪراچي جي رهواسين کي محفوظ پيئڻ ۽ گهريلو استعمال جو پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ ضروري ٿي پيو آهي تہ ان جي آسان ۽ بنا رڪاوٽ جي وسيلي کان منزل تائين رسائي کي يقيني بڻائي سگهجي ۽ پاڻي چوري، غير قانوني هائڊرنٽس، آئوٽ ليٽ ڪنيڪشنز ۽ پاڻيءَ جي ترڪن کي نقصان رسائڻ وارن جي خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي تہ واٽر اينڊ سيوريج بورڊ ايڪٽ، 1996 ۾ ترميم ڪئي وڃي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

1.(1) هن ايڪٽ کي ڪراچي واٽر ۽ سيوريج بورڊ (ترميم) ايڪٽ، 2015 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.ڪراچي واٽر ۽ سيوريج بورڊ ايڪٽ، 1996 ۾، دفعه 14 کانپوءِ هيٺين نئين دفعه شامل ڪئي ويندي:

“14_A. (1) جيڪڏهن ڪو شخص جيڪو:

(a) نقصان پهچائي ٿو، پنڪچر ڪري ٿو واٽر ٽرڪ مينز رينجنگ ارڙنهن انچ قطر کان چوراسي انچ قطر، ڪئنالز، پمپنگ اسٽيشنز ناليون، پائيپ، ذخيرا ۽ بورڊ جا چيمبرز ڪنهن مقصد لاءِ بشمول پاڻيءَ جي وڪرو يا غير قانوني ڪنيڪشنز ڪڍڻ جي؛

(b)صنعتي، ڪمرشل يا رهائشي استعمال لاءِ غير قانوني هائڊرنٽ لڳائي ٿو، ۽

(c) بورڊ جي زمين تي حدخلي ڪري ٿو،

ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي جنهن جي مدت ڏهه سالن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو هڪ ملين رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت ڪيل ڏوهه ازالي لائق هوندا.

(3)ذيلي دفعه (1) تحت سزا لائق ڏوهن تي سيشنز ڪورٽ طرفان ٻڌڻي ڪئي ويندي.”.

1996 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X ۾ نئين دفعه 14_A جي شموليت

Insertion of new section 14_A in Sindh Act No.X of 1996

| | |
|---|---|
| 3. ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 2015 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | منسوخي<br>Repeal |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**